# آسماني ڪتاب ۽ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ

28-July-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

28 جولائي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آسماني ڪتابَ ۾ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...**

- ...پنهنجي محفلن کي عمر جي ذڪر سان سينگاريو!
- ...فاروقِ اعظم جي محبّت قابلِ رشڪ دولت آهي
- ...بَيۡتُ الۡمُقَدَّس ڪيئن فتح ٿيو...؟
- ...فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ اسلام کي عزّت ڏني
- ...اي محشر وارؤ! هي عُمر آهن...!!

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِيۡنَةُ العِلۡمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حويلي پاڪ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ اڪيلا ئي هڪ پاسي هلڻ لڳا، مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن ڏٺو تہ گهٻرائجي ويا (تہ ڪٿي ڪو دشمن نقصان نہ پهچائي) بهرحال اُٺي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڏٺائون تہ رسول رحمت، شفيع اُمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن هڪ مقام تي پهچي ڪري ويهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪيائون. حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن هي ڏسي ڪري ادب ڪندي پوئتي هٽي ويهي رهيا، جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن سجدي مان مٿو مبارڪ ڪنيو تہ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن کي ڏسي فرمايائون: اي عمر! مونکي سجدي ۾ ڏسي ڪري توهان هڪ پاسي ويهي رهيا، توهان تمام سٺو ڪيو.

پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو: اِنَّ جِبْرِيْلَ اَتَانِيْ فَقَالَ مَنْ صَلّٰى عَلَيْكَ مِنْ اُمَّتِكَ وَاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ عَشْرًا وَرَفَعَهُ بِهَا عَشْرَ دَرَجَاتٍ بيشڪ هاڻي جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام مون وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! توهان جو

جيڪو بہ امّتي توهان تي هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهندو، اللّٰه پاڪ ان تي 10 رحمتون بہ نازل فرمائيندو ۽ 10 درجات بہ بلند فرمائيندو. (1)

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود | ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! چڱين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهہ سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي محفلن کي عُمر جي ذڪر سان سينگاريو!

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صدّيقہ طيّبہ، طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا فرمائن ٿيون: زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِذِكْرِ عُمَرَ پنهنجي مجلسن کي حضرت عمرِ فاروقِ

1 ... معجم اوسط، جلد:5،حديث:6602ملتقطاً.

2 ... قبالۀ بخشش، صفحہ:164.

3 ... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895.

اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي ذڪر سان سينگاريندا ڪريو! (1)

ممڪن آهي ماڻهن جي ذهن ۾ هي تصور هجي تہ 2، 4 سؤ يا 1 هزار جو ميڙ هجي تہ انهيءَ کي مجلس چيو ويندو آهي، ايئن ناهي. مجلس جي معنٰي آهي: ويهڻ جي جڳهہ. هڪ اڪيلو شخص وينو هجي، اِها بہ مجلس آهي، 2 ماڻهو وينا هجن، هي بہ مجلس آهي، 4 ماڻهو وينا هجن، هي بہ مجلس آهي، 500 ماڻهن جو اجتماع هجي يا 5 هزار جو، هي بہ مجلس ئي آهي. مطلب هي ٿيو تہ ❁ توهان چاهي اڪيلا وينا هجو، تڏهن بہ عُمر جو ذڪر ڪريو! ❁ گهر وارن سان وينا هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو!❁ دڪان تي وينا هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو! ❁ آفس ۾ وينا هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو! ❁ دوستن سان وينا هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو!❁ دسترخوان تي هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو! ❁ جيڪڏهن ديني اجتماعن ۾ هجو تڏهن بہ عُمر جو ذِڪر ڪريو! مطلب تہ! پنهنجي هر مجلس کي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن جي ذِڪر سان سينگاريندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي ئي هڪ حديث پاڪ دُرودِ پاڪ جي مُتعَلّق بہ آئي آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرود پڙهي ڪري سينگاريو! (2) تنهنڪري بهتر هي آهي تہ گهر ۾، دڪان تي، آفس ۾، دوستن وٽ جڏهن بہ ويهو تہ پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ درودِ پاڪ عرض ڪريو ۽ انهيءَ درودِ پاڪ جي سلسلي ۾ ذڪرِ صحابہ بہ شامل ڪريو، ذڪرِ اهلِ بيت بہ شامل ڪريو ۽ خاص طور خلفاءِ راشدين جو بہ ذڪر شامل ڪريو، هر مجلس ۾ دُرودِ پاڪ پڙهنداسين، ذڪرِ

---

1 ... تاريخ دمشق ، جلد:44، صفحہ:380۔

2 ... جامع صغير، صفحہ:280، حديث:4580۔

صحابہ ۽ اهلِ بيت ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! عشقِ مصطفٰي ۾ بہ اضافو ٿيندو ۽ دل ۾ صحابہ ۽ اهلِ بيت عَليهمُ الرِّضوان جي محبت بہ وڌندي.
چاهيو تہ هيئن دُرودِ پاڪ پڙهي وٺندا ڪريو!

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ خُصُوْصاً عَلٰی اَبِیْ بَکْرٍ وَّعُمَرَ وَعُثْمَانَ وَعَلِیٍّ (رَضِیَ اللہُ عَنْہُم)

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب و اَہلِ بیت کا | ہے خُدائے مصطفٰے اَصحاب و اَہلِ بیت کا
آل و اَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ | میں فقط ادنٰی گدا اَصحاب و اَہلِ بیت کا
میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دوجہاں کی نعمتیں | میں ہوں منگتا، میں گدا اَصحاب و اَہلِ بیت کا
کیوں ہو مایوس اے فقیرو! آؤ آکر لوٹ لو | ہے خزانہ بٹ رہا اَصحاب و اَہلِ بیت کا[1]

ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو پنهنجي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي فرمان مبارڪ تي عمل ڪندي ذِڪرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا:

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن عظيم صحابيءِ رسول آهن۞ دنيا ۾ سندن نالو مبارڪ عُمر آهي۞ آسمانن تي پاڻ کي فاروق جي نالي سان سڃاتو

[1] ... وسائل فردوس، صفحہ:35۔

وجي ٿو۞ آسماني ڪتاب تورات شريف ۾ پاڻ جو نالو مَنْطِقُ الْحَقّ (يعني حق جي ڳالھ ڪرڻ وارو) آھي۞انجيل شريف ۾ سندن اسمِ گرامي ڪافي آھي۞ ۽ جنّت ۾ سندن نالو مبارڪ سِراج ھوندو.[1]

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا، ھڪ روايت مطابق پاڻ 39 مردن کان بعد مسلمان ٿيا، ان ڪري کين مُتَمِّمُ الْاَرْبَعِين (يعني 40 جو عدد پورو ڪرڻ وارو) چيو وجي ٿو.[2] اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن سندن اسلام آڻڻ جي لاءِ دعا فرمائي ھئي، تنھنڪري پاڻ کي مرادِ رسول بہ چون ٿا.[3] سندن عدل ۽ انصاف بي مثال ھو، ان ڪري اَعْدَلُ الْاَصْحَاب (يعني صحابہ ۾ سڀني کان وڌيڪ عدل ڪرڻ وارا) سڏجڻ لڳا.[4]

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن 63 سال دنيا ۾ تشريف فرما رھيا۞12 سالن تائين سُنّي انداز سان خلافت جا فرائض انجام ڏيندا رھيا[5] ۞ سندن خلافت جو دور مسلمانن جي عروج جو سنھري دور ھو۞ سندن اندازِ حڪومت۞ پاڻ جوعدل ۽ انصاف۞پاڻ جو مبارڪ اخلاق ۽ ڪردار۞خوفِ خدا۞تقوٰي ۽ پرھيزگاري۞عاجزي ۽ انڪساري۞زُھد۞رحم دلي وغيره قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن جي لاءِ بھترين زندگي گذارڻ جو نمونو آھي.

| | |
|---|---|
| بہارِ باغِ ایماں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بزمِ عرفاں حضرت فاروقِ اعظم ہیں |
| رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا | عطاءِ رَبِّ سُبحاں حضرت فاروقِ اعظم ہیں |
| نہ کیوں وہ ذات چمکے، جس نے دینِ پاک چمکایا | جہاں کے مہرِ تاباں حضرت فاروقِ اعظم ہیں[6] |

[1] ... الرياض النضرة، الباب الثانی، فی مناقب عمر بن خطاب، صفحہ:235۔

[2] ... معرفة الصحابة، باب الارقم بن ابی الارقم، جلد:1، صفحہ:293 ملتقطاً۔

[3] ... فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحہ:54۔

[4] ... فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحہ:51۔

[5] ... الرياض النضرة، الباب الثانی، فی مناقب عمر بن خطاب، صفحہ:357بتغير قليل۔

[6] ... ديوانِ سالک، صفحہ:73-74۔

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جا ڪجھ فضائل

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جن جا فضائل بي حد ۽ بي شمار آهن، هڪ ڀيري جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السّلام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا. حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جن جو ذڪر ٿيو، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي جبريل! عمر جا فضائل ۽ الله پاڪ وٽ انهن جو مقام ۽ مرتبو بيان ڪيو! حضرت جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: لَوۡجَلَسۡتُ مَعَكَ قَدۡرَ مَا لَبِثَ نُوۡحٌ فِیۡ قَوۡمِهٖ لَمۡ اَسۡتَطِعۡ اَنۡ اُخۡبِرَكَ بِفَضَائِلِ عُمَرَ وَمَا لَهٗ عِنۡدَ اللهِ يعني يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جن جيتري ڄمار ماڻي، جيڪڏهن مان ايترو عرصو بہ توهان جي خدمت ۾ ويهان ۽ عمرِفاروق جا فضائل ئي بيان ڪندو رهان تڏهن بہ مان حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جن جا فضائل ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ انهن جو مقام ۽ مرتبو پوري طريقي سان بيان نہ ڪري سگھندُس.[1]

الله اڪبر!اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! غور فرمايو! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جن جا فضائل بيان ڪرڻ وارا ڪي عام ناهن بلڪ ملائڪن جا سردار حضرتِ جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام آهن ۽ فضائل ٻڌڻ وارو بہ ڪو عام هستي ناهي بلڪ ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن ان جي باوجود جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪري رهيا آهن تہ جيڪڏهن مان حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي عمر جيترو عرصو بہ بيان ڪريان، يعني هڪ هزار سال کان بہ وڌيڪ عرصو حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جا فضائل ئي بيان ڪندو وڃان تڏهن بہ مان پورا فضائل بيان نہ ڪري سگھندُس. هن مان اندازو لڳايو! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جا فضائل ڪيترا وڌيڪ آهن.

---

[1]... الرياض النضرة، الباب الثانی فی مناقب عمر، صفحہ:273۔

## فاروقِ اعظم سان محبّت جي فضيلت

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهلِ بيت! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن ته فاروقِ اعظم آهن، انهن جو ته شان ئي نرالو آهي، جيڪو خوش نصيب سندن سان محبت ڪرڻ لڳندو آهي، اهو به نرالي شان وارو ٿي ويندو آهي. صحابيءِ رسول حضرت اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ عُمَرَ عُمِّرَ قَلْبُهٗ بِالْاِيْمَانِ يعني جيڪو حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان محبت ڪري ان جي دل ايمان سان ڀري ويندي آهي. (1)

بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سیدھے رستے سے | کرم جس بَخْت وَر پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا (2)

## فاروقِ اعظم جي محبت قابلِ رشڪ دولت آهي

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهلِ بيت! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن جي محبت ڪا عام شيءِ ناهي، هي قابلِ رشڪ دولت آهي. سڀ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم پاڻ ۾ هڪٻئي سان محبت ڪندا هئا پر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن جي محبت اها محبت آهي جو صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم ان محبت تي فخر ڪندا هئا. حضرت اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: مَتَى السَّاعَةُ ؟ يعني يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! قيامت ڪڏهن ايندي؟

(يقيناً اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ قيامت جو علم رکن ٿا، پاڻ ڪريم کي معلوم هو ته قيامت ڪڏهن ايندي، تڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ قيامت جون نشانيون بيان فرمايون، قيامت ڪهڙي ڏينهن ايندي، هي به ٻڌايائون، ڪهڙيءَ تاريخ تي ايندي، هي به ٻڌايائون. ها! صرف سال نه ٻڌايائون، ان ڪري جو سال ٻڌائڻ جي اجازت نه

---

1... الرياض النضرة، الباب الثانی فی مناقب عمر، ذکر الحث علی محبته، صفحه:275۔

2... وسائل بخشش، صفحه:527۔

هئي، بهرحال صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن جڏهن پڇيو ته قيامت ڪڏهن ايندي؟ ته) پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن جو جواب ڏيڻ جي بدران فرمايو: وَمَاذَا اَعْدَدْتَ لَهَا؟ توهان قيامت جي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟

(صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہم يقيناً نمازون به پڙهندا هئا، تلاوت به ڪندا هئا، روزا به رکندا هئا، پاڻ ڪنهن نيڪيءَ تي ڀروسو نه ڪيائون، بلڪ) عرض ڪيائون: لَاشَیْءَ يعني يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان ڪا تياري ته نه ڪري سگهيو آهيان.

(نمازون ته آهن، نيڪيون ته آهن پر ڀروسو نه آهي، الله پاڪ چاهي ته قبول فرمائي، نه چاهي ته قبول نه فرمائي)، اِلَّا اَنِّيْ اُحِبُّ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ البته مون وٽ هڪ دولت آهي ۽ قيامت جي لاءِ مون وٽ هيءُ ئي هڪ سهارو آهي ۽ اها هيءَ آهي ته مان الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب سان محبت ڪندو آهيان.

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِهو ٻڌي فرمايو: اَنْتَ مَعَ مَنْ اَحْبَبْتَ يعني توهان جنهن سان محبت ڪيو ٿا، قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ رهندؤ.

پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا؟ | میں یہ کہوں گا، نامِ محمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)[1]

حضرت اَنس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان صحابيءِ رسول رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي جيڪا خوشخبري ٻڌائي، اسان کي ان خوشخبري سان جيتري خوشي ٿي، ايتري خوشي ڪنهن شيءِ سان نه ٿي هئي، وڌيڪ فرمائن ٿا: فَاَنَا اُحِبُّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ وَ اَبَابَكْرٍ وَّ عُمَرَ وَاَرْجُوْ اَنْ اَكُوْنَ مَعَهُمْ بِحُبِّيْ اِيَّاهُمْ وَ اِنْ لَّمْ اَعْمَلْ بِمِثْلِ اَعْمَالِهِمْ يعني رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کان بلند مرتبي وارا آهن، مون وٽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جهڙيون نيڪيون به نه آهن، مون وٽ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن جهڙا اعمال به نه آهن پر مان الله پاڪ جي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت

[1] ... قبالهٔ بخشش، صفحه:135.

ڪندو آهيان، ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان بہ محبت ڪندو آهيان، منهنجي دل ۾ عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جي محبت جا ڏيئا بہ ٻري رهيا آهن، تنهنڪري مون کي اميد آهي تہ قيامت جي ڏينهن انهن عالي وقار حضرات جو پاڙو ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندُس. (1)

عاشِقِ صحابہ ۽ اهلِ بيت، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ وسائلِ بخشش ۾ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| خُدا کے فَضۡل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا | خُدا اُن کا مُحَمَّد مصطفٰے فاروقِ اعظم کا |
| کرم اللہ کا ہر دَم نبی کی مجھ پہ رَحۡمت ہے | مجھے ہے دوجہاں میں آسرا فاروقِ اعظم کا |
| رہے تیری عطا سے یاخدا! تیری عنایت سے | ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا (2) |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی | جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی | جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی | جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی | جنّتی |
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی | جنّتی | عثمانِ غنی! | جنّتی | جنّتی |
| | | | فاطمہ اور علی! | جنّتی | جنّتی |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آسماني ڪتابَ ۾ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْهُم جو نرالو شان آهي، ڏسو! جڏهن اسان دنيا ۾ آيا نہ هئاسين، ان وقت اسان کي ڪير بہ نہ سڃاڻيندو هو، اسان کي ڪنهن خواب ۾ بہ نہ ڏٺو هوندو، پوءِ جڏهن اسان دنيا ۾ اچي وياسين، تڏهن

1... بخاری،کتاب فضائل الصحابۃ، باب مناقب عمر بن الخطاب، صفحہ:934، حدیث:3688۔

2... وسائل بخشش، صفحہ:526۔

بہ گهر وارا، عزيز رشتيدار ۽ ڪجھ پاڙي وارا ئي اسان کي سڃاڻيندا هئا، هاڻي جڏهن اسان وڏا ٿي وياسين، هاڻي بہ اسان کي سڃاڻڻ وارا ماڻهو ٿورا آهن، ڪنهن جا سَوَن جي تعداد ۾ هوندا، ڪنهن جا هزارن يا لکن ۾ هوندا پر قربان وڃو! پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري صحابہ جو نرالو شان آهي، هي حضرات اڃان دنيا ۾ آيا بہ نہ هئا، ان کان صديون پهريان انهن جا تذڪرا دنيا ۾ موجود هئا، ماڻهو انهن کي ڄاڻيندا بہ هئا، انهن جو ذڪرِ خير بہ ڪندا هئا ۽ هي ذڪر بہ ڪو عام ذڪر نہ هو بلڪ الله پاڪ جي ڪلام ۾ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہم جي ذڪرِ خير جي باقاعده تلاوت ڪئي ويندي هئي ۽ ماڻهو ثواب جي اميد تي انهن جو ذڪرِ خير ڪندا هئا.

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِیْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا یَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا٘ سِیْمَاهُمْ فِیْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ<br>(سيپارو: 26، سورة فتح :29) | ترجمو ڪنزالعرفان: محمد الله جا رسول آهن ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت، پاڻ ۾ نرم دل آهن. تون انهن کي رڪوع ڪندي، سجدا ڪندي ڏسندين، الله جو فضل چاهن ٿا، ان جي علامت انهن جي چهرن ۾ سجدن جي نشان سان آهي. |

هن آيت ڪريمہ ۾ الله پاڪ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہم جي سڃاڻپ ڪرائي آهي تہ منهنجي محبوب جا صحابہ ڪير آهن؟ هي اهي ماڻهو آهن (1): جيڪي ڪافرن تي نهايت ئي سخت آهن (2): پاڻ ۾ تمام گهڻو نرم دل آهن (3): هي ڪثرت سان نمازون پڙهندا آهن، ڪڏهن سجدا ڪندا آهن، ڪڏهن رڪوع ڪندا آهن (4): هي رياڪاري ناهن ڪندا، ڏيکاءُ جي لاءِ عبادت ناهن ڪندا بلڪ انهن جو مقصود صرف ۽ صرف الله پاڪ جو فضل ۽ ان جي رضا آهي (5): صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہم

اهي هستيون آهن جو انهن جي چهري تي سجدن جا نشان ۽ عبادت جو نور نظر ايندو آهي.

الله پاڪ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جا هي پاڪيزه وصفَ بيان ڪرڻ کان بعد فرمايو:

| | |
|---|---|
| ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِی التَّوْرٰىةِ ۛۖ وَ مَثَلُهُمْ فِی الْاِنْجِیْلِ ۚ۫ (سيپارو: 26، سورة فتح: 29) | ترجموڪنزالعرفان: هيءَ انهن جي صفت تورات ۾ (لکيل) آهي ۽ انهن جي صفت انجيل ۾ (لکيل) آهي |

الله! الله! صحابي سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جا هي سڀ وصفَ تورات شريف ۾ لکيل آهن ۽ انجيل شريف ۾ به لکيل آهن.

سُبحان الله! معلوم ٿيو: صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم اجان دنيا ۾ به نه آيا هئا، ان کان پهريان ئي دنيا ۾ انهن جو ذڪرِ خير تي رهيو هو، ماڻهو جڏهن تورات شريف جي تلاوت ڪندا هئا، انجيل شريف جي تلاوت ڪندا هئا، ان تلاوت ۾ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جو ذڪرِ خيرِ به هوندو هو ۽ ماڻهو ان تي ثواب جي اميد به رکندا هئا. خيال رهي! اڳين آسماني ڪتابن ۾ ماڻهن پنهنجي مرضيءَ جي مطابق تحريف (يعني تبديلي) ڪري ڇڏي هئي، ان ڪري انهن آسماني ڪتابن کي هاڻي پڙهڻ درست نه آهي. البت ماڻهن جي تحريفات جي باوجود انهن ڪتابن ۾ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جا تذڪرا موجود هئا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی جنّتی |
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطِمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | | |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ديني احڪامَ نافذ ڪرڻ ۾ سختي ڪرڻ وارا حاڪم

هڪ ڀيري مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ هڪ پادريءَ کان پڇيو: هَلْ تَجِدُوْنَا فِیْ شَیْءٍ مِّنْ کُتُبِکُمْ يعني ڇا توهان جي ڪتابن ۾ اسان جي باري ۾ به ڪجھ لکيل آهي؟ پادريءَ هاڪاري ۾ جواب ڏنو، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ پڇيو: کَیْفَ تَجِدُوْنِیْ مونکي پنهنجي ڪتابن ۾ ڪيئن ڏسين ٿو؟ پادريءَ چيو: قَرْنٌ مِّنْ حَدِیْدٍ يعني اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي توهان لوهَ جو سنگ آهيو. پاڻ فرمايائون: لوهَ جو سنگ! ان جو ڇا مطلب آهي؟ پادريءَ چيو: اَمِیْرٌ شَدِیْدٌ يعني (ديني احڪامَ نافذ ڪرڻ ۾) سختي ڪرڻ وارا حاڪم. ان تي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي فرمايو: الله پاڪ سڀ کان وڏو آهي، تمام تعريفون انهيءَ جي لاءِ آهن.[1]

## نجران وارن جي گواهي (شاهدي)

هڪ ڀيري اَميرُالمؤمنين حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن گهوڙي تي سوار ٿي ڪري ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، اوچتو سندن جي پِنيءَ (ٻُڪيءَ) مبارڪ تان ڪپڙو هٽي ويو، اتفاقي ڳالھ آهي ته انهيءَ وقت نجران وارا (جيڪي ڪافر هئا، انهن) مان ڪنهن جي نظر سندن جي پِنيءَ مبارڪ تي پئي، اتي ڪارو نشان هو، ان تي نجران وارن چيو: هٰذَا الَّذِیْ نَجِدُ فِیْ کِتَابِنَا یُخْرِجُنَا مِنْ اَرْضِنَا يعني **هي اهو ئي شخص آهي جنهن بابت اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هي اسان کي اسان جي زمين مان ڪڍي ڇڏيندو.**[2]

الله اڪبر! اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! ڏٺو توهان! اڳين آسماني ڪتابن ۾ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جو ذڪرِ خير ڪيڏو تفصيل سان موجود

---

[1]... مناقب امير المؤمنين عمر بن الخطاب لابن الجوزى، الباب الرابع، فى صفة فى التوراة، صفحہ:15۔

[2]... مجمع الزوائد، باب مناقب عمر بن الخطاب، باب فى صفة، جلد:9، صفحہ:32، حديث:14400۔

هو، ڪافرن صرف سندن جي پِنيءَ مبارڪ تي ڪارو نشان ڏٺو، انهيءَ سان پاڻ ڪي سڃاڻي ورتائون.

## بَيْتُ الْمُقَدَّسْ ڪيئن فتح ٿيو...؟

بَيتُ الْمُقَدَّسَ جيڪو نهايت ئي مبارڪ شهر آهي، هي پهريون ڀيرو حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن جي دورِ خلافت ۾ فتح ٿيو، ان جي فتح جو واقعو تمام گهڻو حيران ڪندڙ آهي، ٿيو ائين جو حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي سپهه سالارُ (اڳواڻ) بڻايو ۽ هڪ لشڪر ڏئي ڪري بَيتُ الْمُقَدَّسَ جي لاءِ روانو ڪيو، حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ لشڪر سان گڏ بَيتُ الْمُقَدَّسَ پهتا، ڪافرن جي ڪوٽ کي گهيري ورتو، تقريباً 4 مهينن تائين هي جنگ هلندي رهي پر ڪو نتيجو نه نڪتو.

بَيتُ الْمُقَدَّسَ ۾ ڪافرن جو هڪ وڏو راهب هو، هڪ ڏينهن اهو راهب قلعي جي ڀت تي چڙهيو ۽ حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مخاطب ڪندي چيو: اسان هر حال ۾ توهان سان جنگ ڪنداسين، اسان جي شهر کي صرف هڪ ئي شخص فتح ڪري سگهي ٿو، ان جا اوصاف اسان جي ڪتابن ۾لکيل آهن تون اهو ناهين.

حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن فرمايو: اهو ڪير هوندو؟ توهان جي ڪتابن ۾ ان جا ڪهڙا اوصاف لکيل آهن؟ راهب چيو: مُحمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جو امتي هوندو، ان جو نالو عمر بن خطاب هوندو، ماڻهو ان کي فاروق چوندا، ديني معاملي ۾ تمام گهڻو سخت هوندو، اللّٰه پاڪ جي معاملي ۾ ماڻهن جي ملامت جي پرواهه نه ڪندو.

حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ راهب جي هي ڳالهه ٻڌي ڪري مُسڪرايائون ۽ خوشيءَ وچان فرمايائون: فَتَحْنَا الْبَلَدَ وَ رَبِّ الْكَعْبَةِ يعني ڪعبي جي ربَّ جو قسم! اسان هي شهر فتح ڪري ڇڏيو. پوءِ حضرت ابو عُبَيْده بن جرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ

جن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڏانهن خط لکي ڪري بَيتُ الْمُقَدَّسَ اچڻ جو عرض ڪيو، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جڏهن تشريف ڪٺي آيا تہ ان نصراني راهِب حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن کي ڏسي سڃاڻي ورتو ۽ ان پنهنجي قوم کي پڪاري چيو: اي انسانو! هي اهو ئي آهي، جنهن جو ذڪر اسان جي ڪتابن ۾ آهي، هيءُ ئي اسان جو شهر فتح ڪندو.

پوءِ انهن ڪافرن بنا جنگ ڪرڻ جي ئي بَيتُ الْمُقَدَّسَ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جي حوالي ڪري ڇڏيو.(1)

فارقِ حق و باطل امامُ الھُدیٰ | تیغِ مَسْلُولِ شدت پہ لاکھوں سلام

وضاحت: حق کي باطل کان جدا ڪرڻ ۽ هدايت ڏيڻ وارا بَرحق امام حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن ان تلوار جيان آهن جيڪا اسلام جي حمايت ۾ سختيءَ سان بلند ڪئي ويندي آهي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي لکين سلامَ هجن.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ مسلمانن تي رحيم ۽ ڪريم آهن

حضرت ڪعبُ الاَحْبَار رَضِیَ اللہُ عَنْہ وڏي مرتبي وارا تابعي آهن. جڏهن بَيتُ الْمُقَدَّسَ فتح ٿيو، ان وقت حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن سان پهرين ملاقات ٿي، ان وقت حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪلمو پڙهي ڪري اسلام بہ قبول ڪيو.(2)

۽ انهي موقعي تي حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻڌايو تہ **الله پاڪ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي: اهڙا شهر جنهن ۾ بني اسرائيل رهندا هوندا، انهن جي فتح هڪ اهڙي شخص جي هٿان ٿيندي ۞ جيڪو نيڪوڪار هوندو ۞ مسلمانن تي رحم ڪرڻ وارو ۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب هوندو۞ ان جو ظاهر ۽ باطن هڪ**

---

1... فتوح الشام ، ذکر فتح مدينة بيت المقدس، جلد:1، صفحہ:223-225-232ملتقطاً۔

2... فتوح الشام، ذکر مدينة بيت المقدس، جلد:1، صفحہ:233خلاصةً۔

**جهڙو هوندو، ان جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نہ هوندو ۞ پنهنجا ۽ پراوا سڀ ان جي نظر ۾ برابر هوندا ۞ ان جا ساٿي راتين جو عبادت ڪرڻ وارا ۞ ڏينهن جو روزا رکڻ وارا ۽ ۞ ماڻهن سان همدردي ڪرڻ وارا هوندا.** [1]

سُبحان اللہ! اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! هي سڀ ئي صفتون حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جون بيان ٿي رهيون هيون ۞ پاڻ نيڪوڪار بہ آهن ۞ مسلمانن تي رحم ڪرڻ وارا بہ آهن ۞ عدل ۽ انصاف قائم فرمائڻ وارا بہ آهن ۽ ۞ ڪين ئي اها هستي آهن جنهن ڪافرن جي شهرن کي فتح فرمايو ۞ ايستائين جو قيصر ۽ ڪِسرٰي جي محلن تي بہ اسلام جو جهنڊو بلند فرمايو.

| | |
|---|---|
| اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّار کے مصداقِ اعلیٰ ہیں | مُذلِّ کُفر وطغیاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں |
| وہ عالَم دَبدبہ کا کانپتے ہیں قیصر وکسریٰ | ہے جن سے دین کی شاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں [2] |

**وضاحت:** قرآنِ پاڪ ۾ اللہ پاڪ صحابہءِ ڪرام جو هڪ وصف هي بيان ڪيو ويو آهي: اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّار هي ڪافرن تي نهايت ئي سخت آهن، هي آيتِ مبارڪ سڀ کان اوّل درجي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي صادق اچي ٿي، پاڻ ڪفر ۽ سرڪشي کي ذليل ڪرڻ وارا آهن، سندن جي رعب ۽ دبدبي جي هي حالت آهي جو سندن نالي کان روم ۽ ايران جا بادشاهہ ڏڪندا هئا، جنهن جي ڪري اسلام کي ايڏي شان ۽ شوڪت نصيب ٿي انهن جو نالو عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ آهي.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جهنّم کان رڪاوٽ آهن

حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْہا اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ڏوهٽي يعني سيّده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہا جون شهزاديون آهن پاڻ

[1]... الرياض النضرة، الباب الثانی، الفصل التاسع، ذکر نبذة من فضائلہ، صفحہ:274۔

[2]... ديوانِ سالڪ، صفحہ:73-75۔

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جي نڪاح ۾ هيون، هڪ ڏينهن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن ڏنو تہ حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْہا زارو قطار روئي رهيون آهن، پاڻ روئڻ جو سبب پڇيائون تہ زوجہ محترمہ چيو: اي اَمِيْرُالْمُؤْمِنِيْن! ڪعبُ الاحبار چون ٿا تہ توهان جهنّم جي دروازي تي آهيو.

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن هي ٻڌو تہ ڪين خوفِ خدا طاري ٿي ويو، پاڻ فوراً حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي گهرايائون. حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن حاضر ٿي عرض ڪيو: اي اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن! مون تي جلدي نہ ڪجو! الله جو قسم! ذوالحج جو مهينو ختم ٿيندي ئي توهان جنّت ۾ تشريف ڪٽي ويندؤ.

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن هي ڳالھ ٻڌي تہ حيرت وچان فرمايائون: اَیَّ شَیْءٍ هٰذَا مَرَّةً فِی الْجَنَّةِ وَمَرَّةً فِی النَّارِ؟ يعني اي ڪعب! هي ڪهڙي ڳالھ ڪيو ٿا...؟؟ ڪڏهن چئو ٿا مان جهنّم جي دروازي تي آهيان، ۽ ڪڏهن چئو ٿا مان جنّتي آهيان؟ حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن عرض ڪيو: وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِيَدِهٖ! اِنَّا لَنَجِدُكَ فِیْ كِتَابِ اللّٰهِ عَلٰى بَابٍ مِّنْ اَبْوَابِ جَهَنَّمَ تَمْنَعُ النَّاسَ اَنْ يَّقَعُوْا فِيْهَا، فَاِذَا مِتَّ لَمْ يَزَالُوْا يَقْتَحِمُوْنَ فِيْهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ يعني اي اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! اسان الله پاڪ جي ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ توهان جهنّم جي دروازي تي آهيو ۽ ماڻهن کي جهنّم ۾ ڪِرڻ کان روڪي رهيا آهيو، جڏهن توهان دنيا مان تشريف ڪٽي ويندؤ تہ ماڻهو قيامت تائين جهنّم ۾ ڪِرندا رهندا. (1)

بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سیدھے رستے سے
خُدا کی خاص رحمت سے، مُحَمَّد کی عنایت سے

کرم جس بخت ور پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا
جہنّم میں نہ جائے گا، گدا فاروقِ اعظم (2)

---

[1] ... ڪنز العمال، ڪتاب الفضائل، جز:12، جلد:6، صفحہ:256، حديث:35782۔

[2] ... وسائل بخشش، صفحہ:527۔

## اُٿ! اي جهنّم جي تالي جا پٽَ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! انهيءَ مفهوم جي هڪ ٻي روايت بہ آهي، حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جيڪي وڏي رتبي وارا صحابيءِ رسول آهن، پاڻ اسلام قبول ڪرڻ کان پهريان تورات شريف جا تمام وڏا عالم هئا، هڪ ڀيري سندن ڏنو تہ هڪ شخص چادر وجهي سُمهي رهيو آهي، پاڻ ان کي پيرَ سان لوڏي ڪري چيو: ڪير آهين؟ سمهڻ واري اٿي ڪري چيو: اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن (يعني حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه) جو پٽ عبد اللّٰه بن عمر آهيان. ان تي حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن فرمايو: قُمْ يَا اِبْنَ قُفْلِ جَهَنَّم يعني اي جهنّم جي تالي جا پٽَ! اُٿو!

پنهنجي والدِ محترم جي متعلّق اهڙا الفاظ ٻڌي ڪري عبد اللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي، پاڻ سڌو پنهنجي والدِ محترم حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چيائين: بابا سائين! حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه توهان کي جهنّم جو تالو ٿو چئي.

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن کي بہ هي ٻڌي ڪري حيرت ٿي، پاڻ فوراً حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ پڇيائون: اي ابن سلام! خبر پئي آهي تہ توهان مونکي جهنّم جو تالو ٿا چئو؟ حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه چيو: جي ها! چوندو آهيان. پڇيائون توهان کي ڪيئن خبر پئي تہ مان جهنّمي آهيان؟ حضرت عبد اللّٰه بن سلام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه عرض ڪيو: مَعَاذَ اللّٰه! مون توهان کي جهنّمي نہ چيو بلڪ جهنّم جو تالو چيو آهي، مونکي منهنجي والد روايت ٻڌائي هئي تہ اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السّلام فرمايو: ۞ اُمّتِ محمد ۾ هڪ شخص هوندو ان کي ماڻهو عمر بن خطّاب چوندا ۞ اهي سڀ کان بهتر دين وارا هوندا ۞ انهن جو يقين نهايت ئي پڪو هوندو جيستائين اهي دنيا ۾ رهندا انهن جو دين غالب رهندو ۞ ماڻهو اللّٰه پاڪ جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيل رهندا ۞ جهنّم تي تالا لڳل رهندا ۞ جڏهن عمر دنيا مان هليا ويندا تہ يقين ڪمزور ٿي ويندا

۞ نيڪ ماڻهن جون زندگيون گهٽ ٿي وينديون ۞ ماڻهو فرقن ۾ ورهائجي ويندا ۞ تڏهن جهنّم جا تالا کوليا ويندا ۽ ماڻهو ان ۾ ڪِرڻ لڳندا.[1]

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ اسلام کي عزّت ڏني

سُبحان! **اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت!** ڪهڙو نہ نرالو شان آهي، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن اڃان دنيا ۾ تشريف ڪٺي بہ نہ آيا هئا، ان کان پهريان ئي جيڪي ماڻهو اڳين آسماني ڪتابن جي تلاوت ڪندا هئا، آسماني ڪتابن جا عالِم هئا، اڳين نبين جي ارشادن کي ڄاڻيندا هئا، انهن کي معلوم هو تہ امّتِ مصطفٰي ۾ هڪ شخص هوندا ۞ انهن جو نالو عمر بن خطّاب هوندو ۞ انهن جو يقين نهايت ئي پَڪو هوندو ۞ جيستائين اهي دنيا ۾ رهندا انهن جو دين غالب رهندو، ماڻهو جهنّم کان بچيل رهندا ۽ جڏهن اهي دنيا مان هليا ويندا تہ جهنّم جا تالا کوليا ويندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي ٿورو دعاءِ مصطفٰي جو اثر بہ ڏسو! اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دعا ڪئي هئي: اَللّٰھُمَّ اَعِزَّ الْاِسْلَامَ بِعُمَرَبْنِ الْخَطَّاب اي اللّٰہ پاڪ! عمر بن خطّاب جي ذريعي اسلام جي عزّت بلند فرماءِ.[2]

هيءَ دعاءِ مصطفٰي جي برڪت هئي جو جنهن ڏينهن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن اسلام قبول فرمايو، انهي وقت مسلمانن خوشيءَ سان اللہ اڪبر جا نعرا لڳايا، جنهن جو آواز مڪي شريف ۾ پري پري تائين پڌو ويو، ان ڏينهن مسلمانن پهريون ڀيرو مسجدِ حرام ۾ اعلانيہ نماز ادا فرمائي، ان ڏينهن کان وٺي ڪري حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ظاهري وصال تائين اسلام جون عزّتون بلند ۽ بالا ٿينديون ويون، اسلام پري پري تائين پکڙيو، عدل ۽ انصاف جو بي مثال نظام قائم ٿيو ۽ ڪافرن جي محلّات تي بہ اسلام جو جهنڊو بلند ٿي ويو.

---

1... تاريخ دمشق، جلد:44، صفحہ:334۔

2... ابن ماجہ، فضل عمر رَضِیَ اللہُ عنہ ، صفحہ:31، حديث:105 ۔

اي عاشقانِ رسول! هي آهي دعاءِ مصطفٰي جو اثر...!! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن جيستائين دنيا ۾ رهيا، اسلام جي عزّت بلند کان بلند ٿيندي وئي پر هاءِ افسوس! جڏهن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو وصال ٿيو، پاڻ دنيا مان پردو فرمايو، ان وقت کان فتنن جو دور شروع ٿي ويو.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ فتنن جا تالا آهن

هڪ ڀيري حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت ابو ذَرّ غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ملاقات ٿي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ حضرت ابو ذَرّغفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان هٿ ملايو ۽ پيار سان انهن جو هٿ دٻايو ، ان تي حضرت ابوذَرّغفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ چيو: دَعْ يَدِيْ يَا قُفْلَ الْفِتْنَةِ يعني اي فتني جا تالا! منهنجو هٿ ڇڏي ڏيو.

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن ان جي وضاحت پڇي تہ حضرت ابو ذَرّ غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ چيو: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن توهان کي ڏسي ڪري فرمايو هو: لَا تُصِيْبُكُمْ فِتْنَةٌ مَّا دَامَ هٰذَا فِيْكُمْ يعني جيستائين هي (يعني حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ) توهان جي درميان موجود آهن، توهان کي ڪو فتنو نہ پهچندو. (1)

## اهلِ اسلام فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي موت تي روئيندا

هڪ ڏينهن حضرت جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئا، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو ذڪرِ خير ٿيو، ان تي حضرت جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: لَيَبْكِيَنَّ الْاِسْلَامُ مِنْ بَعْدِ مَوْتِكَ عَلٰى مَوْتِ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اهلِ اسلام بہ ڀيرا روئيندا، هڪ ڀيرو ان وقت جڏهن جڏهن توهان دنيا مان پردو فرمائيندا ۽ ٻيو ڀيرو جڏهن عمر فاروق (رَضِیَ اللہُ عَنْہ)

[1] ... تاريخ دمشق، جلد:44، صفحہ:334۔

جو وصال ٿيندو. (1)

## فاروقِ اعظم اسلام جو مضبوط قلعو

حضرت زيد بن وَهب رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: هڪ پيري صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جن جو ذڪرِ خيرِ ٿيو، سندن نالو ٻڌي ڪري حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنۡہ زاروقطار روئڻ لڳا، ايستائين جو سندن ڳوڙهن سان ٿُڪ آلي ٿي وئي. پوءِ پاڻ فرمايائون: بيشڪ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ اسلام جا مضبوط قلعا هئا، جنهن ۾ ماڻهو داخل ته ٿي سگهن ٿا پر نڪري نه سگهندا هئا. هاڻ جيئن ئي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جو انتقال ٿيو، ماڻهو اسلام مان ٻاهر نڪرڻ لڳا. (2)

## اڄ اسلام ڪمزور ٿي ويو

جنهن ڏينهن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جو انتقال ٿيو، ان ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضاعي (يعني کير پيارينڌڙ) امڙ سائڻ حضرت اُمِّ اَيمن رَضِیَ اللہُ عَنۡها فرمايو: اَلْيَوْمَ وَهِيَ الْاِسْلَامُ يعني اُڄ اسلام ڪمزور ٿي ويو. (3)

بہارِ باغِ ایماں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بزمِ عرفاں حضرت فاروقِ اعظم ہیں
عمر عامر ہیں دیں کے حق تعالیٰ ان کا ناصر ہے | دِلِ مومن کے تاباں حضرتِ فاروق اعظم ہیں (4)

**وضاحت:** يعني ايمان جي باغ جي بهار ۽ معرفت جي محفل جا ڏيئا

---

[1] ... الرياض النضرة، الباب الثانى، الفصل التاسع، ذكر نبذة من فضائله، صفحه:273۔

[2] ... طبقات الكبرى، ذكر استخلاف عمر، جلد:3، صفحه:283۔

[3] ... معجم كبير، جلد:25، صفحه:86، حديث:221۔

[4] ... ديوانِ سالک، صفحه:73-75۔

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ آهن، الله پاڪ جي مدد سان اسلام جي عمر وڌائڻ وارا ۽ مؤمنن جي دل کي چمڪائڻ وارا حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ آهن.

## اي اهلِ محشر! هي عمر آهن...!!

حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کان روايت آهي قيامت جي ڏينهن جڏهن حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا، ان وقت اسلام عرض ڪندو: يَارَبِّ هٰذَا عُمَرُ اَعَزَّنِيْ فِيْ دَارِ الدُّنْيَا فَاَعِزَّهُ فِيْ عَرَصَاتِ الْقِيَامَةِ يعني اي ربِّ رحمٰن ۽ رحيم! هي عمر آهن، هنن دنيا ۾ منهنجي عزّت بلند ڪئي، اڄ قيامت جي ميدان ۾ تون هنن کي عزّت عطا فرماءِ.

ان سان گڏ ئي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کي 2 جُبا پارايا ويندا، انهن جبن جي خوشبو اهڙي هوندي جو انهن مان هڪ به دنيا ۾ کوليو وڃي ته سڄي دنيا ان جي مهڪ سان مُعطّر ٿي وڃي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جن کي نوراني ڏاچيءَ تي ويهاريو ويندو، سندن اڳيان 70 هزار جهنڊا ڦڙڪي رهيا هوندا، ان وقت محشر جي ميدان ۾ هڪ آواز گونجندو: يَااَهْلَ الْمَوْقِفِ هٰذَا عُمَرُ فَاعْرِفُوْهُ اي اهلِ محشر! هي عمر آهن، هنن کي سڃاڻو...![1]

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، اسلام جي سربلنديءَ جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا ۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان جنگين ۾ به شريڪ رهيا ۞ جان تريءَ تي رکي ڪري ۞ اسلام جي خاطر وڙهيا اسلام جي سربلنديءَ جي خاطر پاڻ کي مشقت ۾ به وڌائون ۞ دنيا ۾ عدل جو نظام قائم ٿيو، ان جي لاءِ پاڻ بکايل به رهيا ۞ تقريباً اڌ دنيا جو رعب دار خليفو هئڻ جي باوجود پاڻ ڇتيون لڳل ڪپڙا به پاتائون ۞ قربانيون ڏنائون

---

[1] ... الرياض النضرة، الباب الثانى، الفصل التاسع، ذكر نبذة من فضائله، صفحه:274-

۞ مشقّت سٺيائون۞ پنهنجي خواهشن کي ماري هميشه اسلام کي ئي سربلند ڪيائون.

هن ۾ اسان جي لاءِ درس آهي هاءِ! اسان پنهنجي خواهشن کي پورو ڪرڻ جي خاطر، پنهنجي آرام جي لاءِ، اسلام جي سربلندي جي پرواهه نتا ڪيون، اسان جي ڪردار کي ڏسي ڪافرَ اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳندا آهن، هاءِ! دنيا جي محبت، مال جي لالچ، پنهنجي اَنا جي لاءِ، ذات پات جي نالي تي اجايو جهيڙا جهڳڙا، قتل ۽ غارت، دغابازي، ڪوڙ، بهتان هڻڻ، ڌوڪو ڏيڻ مطلب ته اها ڪهڙي برائي آهي جيڪا اڄ مسلمانن جي ڪردار ۾ ڏسڻ جي لاءِ نه ٿي ملي...!! ياد رکو! اسان جو منفي(*Negative*) ڪردار صرف اسان جي لاءِ ناهي، الله پاڪ جي پاڪيزه دين دينِ اسلام جي لاءِ نقصان ڪار آهي، ماڻهو اسان مسلمانن کي ڏسي ڪري اسلام جي تصوير پنهنجي ذهنن ۾ ويهارين ٿا.

## هڪ مُفَڪِّر انگريز جو عبرتناڪ جواب

شيخ الحديث، حضرت علاّمه عبد المصطفٰي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مونکي هڪ مُفڪّر انگريز جي ڳالهه ياد ايندي آهي، ان کي ڪنهن مسلمان چيو هو: صاحبِ نظر (يعني عقل مند) آهين، پوءِ مسلمان ڇو نه ٿو ٿي وڃي؟ ان تي انگريز عبرتناڪ جواب ڏنو جو ان کي ٻڌي ڪري هر غيرت مند مسلمان جي پيشاني تي ندامت سبب پگهر اچي وڃي. ان چيو: مان جڏهن ان اسلام کي ڏسان ٿو جيڪو اسلامي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته منهنجي دل ۾ اسلام جي حقّانيت گهرُ ڪري ويندي آهي پر جڏهن مان ان اسلام کي ڏسان ٿو جنهن تي اڄ جا مسلمان عمل ڪري رهيا آهن ته منهنجي دل ۾ اسلام کان نهايت ئي نفرت پيدا ٿي ويندي آهي.[1]

بَن گئے تنکے نشیمن کے قفس کی تیلیاں | بَن گیا کیا؟ ہم چلے تھے کیا بنانے کے لئے

[1]... عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:101بتغیر قلیل۔

**وضاحت:** گهر ٻڌائڻو هو، قيد خانو نهي ويو، اسان ناهي ڇا رهيا هئاسين؟ ۽ نهي ڇا ويو؟ مطلب هي ته اسان ابتي رستي جا مسافر ٿي وياسين، ٿيڻ ته ايئن گهرجي ها ته اسان ٻين جي لاءِ زندگي جو نمونو بڻجون ها، اسان جي سبب اسلام کي ترقي ملي ها پر ابتڙ ٿي ويو، ماڻهو اسان جي ڪري اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳا.

اي عاشقانِ رسول! اسان مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن جو ذڪرِ خير ٻڌو، پاڻ سڄي زندگي اسلام جي سربلنديءَ جي لاءِ گذاري ڇڏي، اچو! اسان به دل مان دنيا جي محبت ڪيون مال ۽ دولت جي لالچ کان پُٺ ڇڏرايون ذاتي جهيڙا جهڳڙا ختم ڪري هڪ ٿي وڃون ٻڌي ۽ اتّفاق سان سيئي عاشقانِ رسول ملي ڪري دين جي خدمت ڪريون اسان پنهنجو ڪردار دين جي مطابق بڻايون پنهنجا ڪم دين ۽ شريعت جي مطابق ڪريون پنهنجي چال چلت بدليون پنهنجي طرزِ زندگي اسلامي اصولن جي مطابق بڻايون اچو! سنّتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجون مٿي تي عمامو چهري تي ڏاڙهي زبان تي سچائي، ڪردار ۾ ايمانداري همدردي رحم دلي عدل ۽ انصاف دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت ربّ جي رضا ۽ اخلاص هجي، ايئن اسان پاڪيزه زندگي گذاريون، پاڻ به نيڪ بڻجون ۽ ٻين جي ترغيب جو سامان پڻ بڻجون.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
لباس اپنا سنّت سے آراستہ ہو | عمامہ ہو سر پر سجا یاالٰہی!
سبھی رُخ پہ اک مُشت داڑھی سجائیں | بنیں عاشقِ مصطفٰے یاالٰہی!
ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا | مجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی! (1)

---

[1]... وسائل بخشش، 102-104.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اي عاشقانِ رسول! نيڪ، باڪردار بااخلاق مسلمان بڻجڻ، سنّتن تي عمل جو جذبو ماڻڻ ۽ اسلام جي سربلنديءَ جي لاءِ سرگرم رهڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! ان جي برڪت سان گناهہ ڇڏڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري جو ذهن بڻجندو. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم رسالو نيڪ اعمال پڻ آهي. هي مختصر رسالو مڪتبۃُ المدينہ تان طلب ڪريو ۽ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ(www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو ٿا تہ پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپليڪيشن انسٽال ڪريو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردارصاف سٺرو، اجرو ۽ خوب صورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو خاندان سڌري ويو

ضلع اَٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن سان ڀرپور زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوشنصيبي جو مان

ان سان مسجد هليو ويس، مغرب کان پوءِ بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف ڪرايو، رسالو نيڪ اعمال ۾ درج نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ جي اصلاحِ امّت جي لاءِ غم ڏسي ڪري مون انهي وقت بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطّاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿئي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنايو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنورجڻ لڳا، منهنجي هن تبديليءَ جو منهنجي گهر وارن تي بہ سُٺو اَثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ پورو خاندان ئي قادري، رضوي، عطّاري ٿي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀريي چينلز جي جڳهہ تي مدني چينل هلڻ لڳو.[1]

خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین
مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## المدينہ آن لائن لائبريري

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جو *I.T* ڊيپارٽمنٽ ڏينهون

---

[1]... دلون کا چين، صفحہ:4۔

[2]... وسائل بخشش، 102-104۔

ڏينهن اسان کي علمِ دين سکڻ جا آسان ذريعا فراهم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سَوين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل المدينہ آن لائن لائبريري جيڪا پهريان صرف ڊسڪ ٽاپ ورزن (*Desktop version*) ۾ هئي، هاڻي ويب ورزن (*Web version*) ۾ لائيو (*Live*) ڪئي وئي آهي. المدينہ آن لائن لائبريري ۾ مڪتبة المدينہ جي مختلف موضوعات (مثال طور قرآن ۽ سنّت، عقائدِ اسلام، فقہ ۽ فتاوٰي، اسلامي تعليمات، اخلاق ۽ آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ امّهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ ۽ صحابيات، سيرتِ اولياءِ ڪرام، سيرتِ اميرِ اهلِ سنّت، ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنّت ۽ فيضانِ مدني مذاڪره، اورادَ ۽ وظائف ۽ نعتيہ ڪلام وغيره) تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. المدينہ آن لائن لائبريري کان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ

***www.dawateislami.net/bookslibrary***

وزٽ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [(1)]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قناعت سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جنهن ايمان آندو،

[1] ... مشڪوٰة،ڪتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

ڪفايت جيترو رزق ڏنو ويو ۽ ان الله پاڪ جي ڏنل (رزق) تي قناعت ڪئي بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو [1] (2): اي ابو هريره! قناعت اختيار ڪيو سڀ کان وڌيڪ شڪر گذار بڻجي ويندؤ. [2]

اي عاشقانِ رسول! قناعت سنّتِ مصطفٰي آهي. قناعت جي معنٰي آهي: جيترو مليو ان تي راضي رهڻ، وڌيڪ جي خواهش نہ ڪرڻ ۞الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي جيڪو ملندو هو رضا خوشيءَ سان کائي وٺندا هئا ۞پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ۾ کاڌي مان عيب نہ ڪڍيو ۞پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ لذيذ پُر تَڪلُف کاڌن جي خواهش نہ فرمائي ۞پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مال ۽ دولت جي خواهش نہ رکندا هئا.

ڪل جہاں ملک اور جَو کی روٹی غذا | اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام [3]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتِ مصطفٰي تي عمل ڪريو، قناعت اختيار ڪريو ۞قناعت ايمان جو ڪمال، اسلام جو حُسن آهي ۞قناعت ڪرڻ وارو پاڻ کي دنيا کان بچائيندو، آخرت جي راهه تي هلندو آهي ۞قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ کي محبوب آهي ۞قناعت ڪرڻ وارن سان ماڻهو بہ محبت ڪندا آهن [4] ۞امام شافِعي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: قناعت مالداريءَ جو اصل آهي. [5]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو

---

1 ... مسلم، کتاب:الزکاۃ، باب:القناعۃ، صفحہ:376، حدیث:1054۔

2 ... ابن ماجہ، کتاب:الزہد، باب:الورع والتقویٰ،صفحہ:684، حدیث:4217ملتقطًا۔

3 ... حدائق بخشش، صفحہ:304۔

4 ... نضرۃ النعیم، جلد:8، صفحہ:3175۔

5 ... دیوانِ امام شافعی، صفحہ:133۔

رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
علم حاصل کرو، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّیْنَ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم